SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2001

سنڌ مالياتي قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH FINANCIAL LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of W.P Act V of 1958

3. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII جي شيڊول جي ترميم
Amendment of schedule of W.P Act XXXII of 1958

4. 1990 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعات 8 ۽ 9 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 8 and 9 of Sindh Act IV of 1990

5. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 7 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 7 of Sindh Act XIII of 1994

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2001

سنڌ مالياتي قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH FINANCIAL LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[27 جنوري 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ ڪجهہ ٽيڪسز ۽ فيس کي معقول بڻايو ۽ ختم ڪيو ويندو.

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ ڪجهہ ٽيڪسز ۽ فيس کي معقول بڻائڻ ۽ ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 تحت معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مالياتي قانون (ترميم)

آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعه 4 ۾:

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of W.P Act V of 1958

(a) شق (c) جي ذيلي شق (i) ۾، لفظن "ڇهه سئو" لاءِ لفظن "اٺ سئو ۽ چوهٺ" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b) شق (g) ۾، لفظن "پنج هزار" لاءِ لفظن "ست هزار ۽ ٻه سئو" کي متبادل بڻايو ويندو.

3. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول ۾:

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of schedule of W.P Act XXXII of 1958

(a) جريان نمبر 4 ۾ شق (iii) کانپوءِ هيٺين وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"وضاحت: هن شق جي مقصد لاءِ، سيٽن جي گنجائش ۾ ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر جي سيٽ شامل نه هوندي."

(b) جريان نمبر 5 جي آخر ۾، هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ شقن (a)، (b) ۽ (c) ۾ بيان ڪيل موٽر گاڏين تي ٽيڪس جي سلسلي ۾، سواءِ ڪمرشل گاڏين جي، گاڏين جي پهرين رجسٽريشن کان ٽيڪس جي ادائگي جي ڏهن ۽ پندرنهن سالن جي مڪمل ٽيڻ تي، ترتيبوار پنجهتر ۽ پنجاهه سيڪڙو جي قيمت تي ٽيڪس ادا ڪئي ويندي."

1990 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعات 8 ۽ 9 کي ختم ڪرڻ

4. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1990 جي دفعه 8 ۽ 9 کي ختم ڪيو ويندو.

	Omission of section 8 and 9 of Sindh Act IV of 1990
	1994 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعہ 7 کي ختم ڪرڻ
5. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعہ 7 کي ختم ڪيو ويندو.	Omission of section 7 of Sindh Act XIII of 1994
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي	